© rasailojaraid.com



# غير مسلم قوم ۾ دعوتِ تبليغ

☆پروفيسر ڊاڪٽر محمد ادريس "آزاد" سومرو

دنيا آفتن، عذابن، ڏکڻ ڏاکڙن، مشقتن، محنتن، مصيبتن ۽ امتانن جو مرڪز آهي. هن دنيا جي دشوارين جو احساس انسان کي تڏهن ٿيندو جڏهن هو پنهنجي ذاتي مشاهدن ۽ تجربن سان ان کي پرکڻ جي ڪوشش ڪندو.

ابو البشر حضرت آدم عليه السلام به جنت جهڙي نعمت کي خيرباد چئي جڏهن زمين تي تشريف فرما ٿيو ته کيس محسوس ٿيو بلڪ يقين ٿيو ته هيءَ دنيا سکن جو نه پر رياضتن، عبادتن، اوجاڳن، اڻ ٿڪ محنت ۽ امتحانن جو ميدان آهي ۽ اصلي مقام يعني جنت کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل صدين تائين حضرت آدم عليه السلام کي اللّٰه تعاليٰ جي خوف ۾ روئڻو ۽ عبادت ۾ مصروف رهڻو پيو. جنهن جي نتيجي ۾ رب العالمين کيس يقين ڏياريو ته اي آدم سڳورا اسان تنهنجي عبادت ۽ استغفار کي قبول ڪيو ۽ اسان توسان اهو به واعدو ڪريون ٿا ته توکي ۽ تنهنجي اولاد کي ٻيهر جنت ۾ موڪليندا سين. مگر اهڙي نعمت کي حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنجي اولاد کي الهامي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ عملي زندگي گذارڻي پوندي، جنهن جي تربيت ۽ تبليغ تنهنجي نئي پشت به پشت پيدا ٿيندڙ نبين، رسولن، عالمن، صالحن ۽ نيڪ سيرت ٻانهن جي ذمي هوندي.

---

☆گورنمنٽ ڈگری کالج لاڑکانہ

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



هئي. ڌيئرن کي جيئري ئي دفن درگور ڪيو ويندو هو. اوس ۽ خزرج قبيلن بدو عربن سان نفرتن، ذاتي دشمنين ۽ تڪرارن جو سلسلو صدين تائين جاري رهندو هيو. منفي سوچ جي معمول ان وقت جي ماڻهن کي معاشرتي وصفن ۽ خوبين کان الڳ ٿلڳ رکي ڇڏيو هيو. ٻين لفظن ۾ هي چوڻ مناسب ٿيندو ته ”ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهه يار“ اها هئي ڪاران وقت جي ماڻهن جي.

اهڙي ڪاري ۽ ڪٺن دور ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن پنهنجي شروعاتي زندگيءَ جي چاليهن سالن يعني نبوت جي اعلان کان اڳ واري زندگي مبارڪ دوران دعوت و تبليغ جي پيغام کي امين، صادق، عابد، زاهد ۽ مڪمل انسان هئڻ جي حيثيت سان متعارف ڪرايو. نتيجي ۾ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جن جڏهن نبوت جو اعلان ڪيو ته ان وقت جا غير مسلم ڪردار جي لحاظ کان کين امين، صادق، ڪامل ۽ اڪمل تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. ٻين لفظن ۾ هي ڪٿي ڇنجي ته لاجواب ٿي پيا ۽ ڪيترائي دعوت و تبليغ طرف متوجه ٿيڪا سچا مومن ۽ متقي بڻجي پيا.

دعوت و تبليغ جي حوالي سان پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڪوه صفا تي پهتا ۽ قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ رباني حڪم جهڙوڪ:

”و انذر عشيرتک الاقربين“(۳)

ترجمو: اي حبيب! تون پنهنجي ويجهڙن عزيزن کي ڊيڄار.

”يايها الرسول بلغ ما انزل اليک من ربک“(۴)

ترجمو: اي رسول! تون پهچاءِ ان پيغام کي جيڪو تنهنجي رب طرفان توتي نازل ڪيو ويو آهي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



”و انزلنا اليک الذکر لتبين للناس ما نزل اليهم و لعلهم يتفکرون“(٥)

ترجمو: ۽ اسان تو تي ذڪر نازل ڪيو انْ ڪري تہ
تون انسانن ۾ ان ذڪر کي کولي بيان ڪر جيڪي
ڪجهہ توتي انهن جي هدايت لاءِ نازل ڪيو ويو آهي
تہ جيئن اهي فڪر ڪن.

تحت نبوت جو اعلان ڪيائون ۽ توحيد جو درس ڏنائون ۽ مختلف قبيلن ۾ وڃي دعوت و تبليغ کي عام ڪيائون، ڪيترن ئي سردارن ۽ ملڪن جي سربراهن کي دعوت نامہ موڪليائون ايتري قدر جو عڪاز ميلي ۾ بہ وڃي دعوت و تبليغ جي سلسلي ۾ ڪين مختلف وفدن سان معاهدا بہ ڪرڻا پيا تہ بہ معاهدا ڪيائون ۽ بيعت ورتائون.

نبوت جي يارهين سال رجب مهيني ۾ مڪي کان ٻاهر چند ميلن جي فاصلي تي منيٰ ۾ وڃي يثرب کان آيل خزرج قبيلي جي ڇهن ماڻهن سان ملاقات ڪري ڪين اسلام جي دعوت ڏنائون ۽ بيعت ورتائون، جنهن کي ”بيعت اولیٰ“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ٻئي سال انهن ماڻهن سان پيا 12 ماڻهو آيا تہ انهن کي بہ دعوت و تبليغ ڪندي مسلمان ڪيائون. پاڻ سڳورن ﷺ جن دعوت و تبليغ ۾ هيٺين ڳالهين ڏانهن توجہ ڏنو:(٦)

(١) اهي اللّٰہ تعاليٰ سان ٻئي ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندا.

(٢) چوري ۽ زنا نہ ڪندا.

(٣) پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪندا.

(٤) ڪنهن کي بہ ڪوڙي تهمت نہ لڳائيندا.

(٥) ڪنهن بہ امر بالمعروف ۾ حضور اڪرم صہ جي نافرماني نہ ڪندا.

هن پيري حضرت مصعب بن عمير رضہ کي دعوت و تبليغ عام ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن يثرب مان آيل ماڻهن سان گڏ يثرب

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



موڪليو. حضرت مصعب بن عمير جي دعوت و تبليغ جو ايترو اثر ٿيو جو ٽئين سال يثرب کان مڪي پاڪ حج جي موقعي تي73 مرد ۽ 2 عورتون آيا جن منيٰ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي يثرب وارن مدينه پاڪ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ دين اشاعت ۽ دعوت و تبليغ کي عام ڪرڻ وارن واعدو ڪيو.

هي سڀ ڪجهه پاڻ ڪريمن ﷺ جي اخلاق حسنه، شفقت، محبت، صبر و تحمل، عفو و درگذر، حلم و حياء، استقامت ۽ رحمت عامه جو نتيجو هيو. معلوم ٿيو ته دعوت و تبليغ به تڏهن ڪامياب رهندي جڏهن مبلغ ۾ اهي سموريون خوبيون هجن جيڪي هڪ مبلغ ۾ هئڻ ضروري آهن ورنه ته ماڻهو ويجهو نه ايندا ۽ دعوت و تبليغ جي اثر کي قبولڻ کان گهڻو دور رهندا. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته:

”و لو كنت فظا غليظ القلب لنفضوا من حولك“(٧)

ترجمو: جيڪڏهن تون سخت دل هجين ها ته اهي تنهنجي چوگرد گڏ نه ٿين ها.

اسان کي گهرجي ته اسان پاڻ ڪريمن ﷺ جي تبليغي طريقي کي آڏو رکي پنهنجي به اصلاح ڪيون ۽ موجوده دور جي غير مسلم ماڻهن ۾ دعوت و تبليغ جي فرضيت اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي پنهنجو پاڻ ملهايون.

دعوت و تبليغ کي آسان بنائڻ ۽ ان فرض کي نڀائڻ لاءِ قرآن ۽ حديث هن ريت رهنمائي ڪن ٿا:

(١) كنتم خير امة اخرجت للناس تامرون بالمعروف و تنهون عن المنكر و تؤمنون بالله“(٨)

ترجمو: توهان ئي پلي است آهيو توهان ماڻهن جي اصلاح ۽ هدايت لاءِ موڪليا ويا آهيو. توهان نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تعاليٰ تي ايمان آڻيو ٿا.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


قوت کان بهره ور هجي ته تيستائين سماج جي سڌاري ۽ اصلاح و انقلاب جو همه گير ڪم نٿو ٿي سگهي“

موجوده دور ۾ دعوت و تبليغ جي پروگرام کي ڪهڙي طرح ڪامياب بڻائجي؟ ان لاءِ چند تجويزون ڏجن ٿيون جن کي ذهن ۾ رکي اسان کي دعوت و تبليغ جو فريضو ادا ڪرڻ گهرجي. تجويز ڪيل نڪتن جو تفصيل هن ريت آهي:

## (الف) عبد ۽ معبود جو تعلق:

ڪل ڪائنات ۾ انساني مخلوق کي ئي احسن صورت علمي عظمت، فهم و فراست، رفعت و مرتبت ۽ هر نعمت سان نوازيو ويو آهي. سندس رشد و هدايت ۽ اصلاح لاءِ هڪ لک چوويهه هزار نبي ۽ رسول موڪلياويا. مقدس الهامي ڪتابن جي توسط، تلاوت ۽ تعليم ذريعي کيس زندگي گذارڻ جو سليقو ۽ سهڻو نمونو ڏنو ويو. هيڏي ساري اهڙي اهتمام مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻانهي سان پاڄهاري رب پاڪ جو ڪيڏو پيار آهي جو بي مثال ۽ بي نياز رب ڪڏهن سندس هٿ ٿو ٻڌجي ته ڪڏهن سندس اک ۽ ڪن ٿو بڻجي ۽ ڪڏهن کيس ساهه جي رڳن کان به زور ويجهو رهي کيس پنهنجائپ ۽ پيار شفقت جو يقين ٿو ڏياري.

اسان کي گهرجي ته اسان اهو احساس ڪٿي عبد کي معبود جو تعلق ياد ڏياريون ۽ کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيون هڪ الله پاڪ ئي حاجت روا، خالق، مالڪ، رازق، رب رحيم ۽ هر شيءِ تي قادر آهي. انسان کي ان ذات آڏو جهڪڻ ۽ سندس عبادت ۾ رهڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان غير مسلم قوم ۾ اهو احساس پيدا ٿيندو ۽ اهي غيرن کي ڇڏي هڪ الله پاڪ جي ويجهڙائي پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل و عيال ۽ احباب کي دوزخ جي باهه کان بچائي سگهندا.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


ايران جي فوجي اڳواڻ رستم آڏو به حضرت ربيع بن عامر رضه اهڙو ئي نظريو پيش ڪيو هو. جهلڪ ملاحظه فرمايو:

"الله تعاليٰ اسان کي انهي مقصد لاءِ موڪليو آهي ته اسان انسانن کي انسانن جي پانهپ کان آزاد ڪري الله وحده جي بندگيءَ ۾ داخل ڪريون. دنيا پرستيءَ جي ويچارن کان ٻاهر ڪڍي دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي فيض واري چشمي مان سيراب ڪريون. انساني دينن جي ظلم ۽ ستم کان ڇوٽڪارو ڏياري انهن کي اسلام جي عدل جي پاڇي ۾ آڻيون"(١١)

## (٢) اطاعت رسول صم:

پاڻ سڳورا ﷺ سيد المرسلين، خاتم النبيين، رحمت للعالمين ۽ مبلغ اعظم جي حيثيت سان ڄاتا ۽ سڃاتا وڃن ٿا. سندن پيغام ڪنهن مخصوص خطي يا مخصوص ملت لاءِ نه آهي بلڪ سموري انساني ڪائنات ۽ سموري دنيا لاءِ آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد رباني آهي ته:

"قل يايها الناس انى رسول الله اليكم جميعا"(١٢)

ترجمو: اي حبيب! تون چئو ته اي انسانو! مان توهان سيني ڏانهن الله جو رسول بڻجي آيو آهيان

ان آيت جي روشنيءَ ۾ به اسان کي اهو حق ٿو پهچي ته دنيا جي غير مسلم قوم ۾ تبليغ ڪري منجهن اهو احساس پيدا ڪريون ته الله جو رسول غير مسلم قوم لاءِ به رهبر ۽ رهنما بڻجي آيو آهي ۽ کين اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ گهرجي.

غير مسلم مفڪر "جوزف جي نوتن" پاڻ سڳورن ﷺ جي پيش ڪيل دين اسلام کي هڪ عالمگير مذهب سڏيندي ۽ اطاعتِ رسول جو اعتراف ڪندي لکي ٿو ته:

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



"حضرت محمد ﷺ جو پيش ڪيل مذهب مطلق العنان روس لاءِ به ايترو ئي موزون آهي جيترو جمهوريت پسند آمريڪا لاءِ مناسب ۽ مفيد آهي"(۱۳)

ساڳي سلسلي جي حوالي سان ناميارو سياستدان مولانا عبيد الله سنڌي سورت قتال جو انقلابي تفسير جي مقدمي ۾ هن ريت رقمطراز آهي:

"قرآن حڪيم جي تعليم اجتماعي انقلابي تعليم آهي. انهيءَ جو فائدو انسانيت جي ڪُنهن خاص طبقي کي نه بلڪ ساري انسانيت کي هڪ جهڙو پهچي ٿو انهيءَ ڪري ان جي اصولن تي هر قوم ۾ انقلاب جو اچڻ ضروري آهي"(۱۴)

اسان کي گهرجي ته اسان غير مسلم قوم ۾ دعوت و تبليغ جي پيغام کي پيش ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي اطاعت، عقيدت، محبت ۽ قرآن مجيد جي تعليم و تربيت ڏانهن توجه ڇڪايون. ڇوته رسالت کي تسليم ڪرڻ بغير ڪوبه انسان ڪامل نٿو بڻجي سگهي ۽ نه وري ڪو مبلغ ئي پنهنجي تبليغ مڪمل ٿو بنائي سگهي.

## (۳) انسان ۽ اسلام:

انسان ڪيڏو به پلو ڇو نه هجي پر اسلام قبول ڪرڻ بغير هو هر حالت ۾ اڌورو ۽ اڻ پورو آهي. ناڪام ۽ نه هئڻ برابر آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ ذڪر آهي ته:

"والعصر ان الانسان لفي خسر الا الذين امنوا و عملو الصلحت و تواصوا بالحق و تواصوا بالصبر"(۱۵)

ترجمو: «قسم آهي زماني جو ته بيشڪ انسان نقصان ۾ ٽوٽي ۾ آهي سواءِ انهن جي جن ايمان آندو، عمل

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


صالح ڪيا هڪ ٻئي کي حق جو ڪلمو چيائون ۽
هڪ ٻئي کي صبر جي تلقين ڪيائون». قرآن مجيد جي
ان سورت جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿيو ته دين اسلام ۾
ايمان قبول ڪرڻ، صالح عمل ڪرڻ ۽ حق توڙي
صبر کي اپنائڻ کان سواءِ ڪوبه انسان نقصان، ٽوٽي
۽ خساري کان بچي نٿو سگهي.

اسان کي جيڪڏهن انسان ذات سان محبت ۽ همدردي آهي ته پوءِ دعوت و تبليغ جي ذريعي غير مسلم قوم کي به خساري ۽ نقصان کان بچائڻ لاءِ انهن ۾ دين اسلام قبول ڪرڻ جو احساس پيدا ڪيون. ائين ڪرڻ سان معاشرو بدڪاريءَ کان بچندو، انسان سڌرندو ته سماج سڌرندو. ڪنهن به انسان جو استحصال نه ٿيندو ۽ معاشرو مثالي بڻجي پوندو.

ڏٺو وڃي ته جتي به قول، فعل، عمل سرانجام ڏنو ويو آهي ته اتي مثبت نتيجو نڪتو آهي ۽ اسلامي معاشري ۾ اڻ ڳڻيو اضافو آيو آهي. محترم ڊاڪٽر نذر حسين شر صاحب ان سلسلي ۾ ڪجهه انگ اکر هن ريت ڏنا آهن:

"هن وقت دنيا ۾ مسلمانن جو تعداد 984 ملين يعني
تقريباً هڪ ارب آهي، جنهن تيزيءَ سان پوري دنيا ۾
غير مسلم ماڻهو اسلام قبولي رهيا آهن ان روشنيءَ ۾
اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته ايڪيهين صدي عيسوي
جي شروعات تائين مسلمان پوري دنيا جي آباديءَ جو
چوٿون حصو بڻجي ويندا"(١٦)

محترم شر صاحب مزيد لکي ٿو ته:

"1960ع دوران برطانيه ۾ مسجدن جو تعداد صرف چار هيو
جيڪو هن وقت هڪ هزار کان به وڌي ويو آهي، جڏهن ته

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



سادا ست سو ڪليسائون بند ٿي ويون آهن" (۱۷)

"سوئزرلينڊ ۾ مسلمانن جو تعداد 1980ع جي آدمشماريءَ موجب 5625 هيو جيڪو هن وقت ڏهوڻو ٿي ويو آهي ۽ اتي اسلام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي"(۱۸)

هي ته هيا محترم ڊاڪٽر نذر حسين شر صاحب جا ڏنل انگ آکر پر غير مسلم مفڪر جارج برنارڊ شاه به اها پيش گوئي ڪندي نظر اچي ٿو ته:

"ايندڙ سو سالن ۾ اسان جي دنيا جو مذهب اسلام هوندو مگر هي موجوده زماني جو اسلام نه هوندو بلڪ اهو اسلام هوندو جيڪو محمد صہ رسول الله جي زماني ۾ دلين، دماغن ۽ روحن ۾ جاء وٺندڙ هو"(۱۹)

## (۴) نعمتن جو شڪر:

انساني مخلوق پي مخلوق جي پيٽ ۾ بيشمار نعمتن سان نوازيل آهي. وضع حمل جو زمانو هجي يا وضع حمل کان بعد وارو زمانو هجي يعني صغيرائپ هجي يا جواني يا پيري سموري زندگيءَ تي نظر ڪبي ته انسان الله تعاليٰ جي نعمتن، شفقتن ۽ عطائن سان مالا مال نظر ايندو بلڪ الله تعاليٰ جي نظرِ ڪرم کان سواء انسان جو زنده رهڻ به مشڪل ٿي پوندو. مثال طور رزق روزي پاڻي وغيره نه ملي ته ناممڪن آ جو هر ساه واري مخلوق زنده رهي سگهي ۽ اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي هٿ وس آهي جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته:

"و ما من دابة فى الارض الا على الله رزقها"(۲۰)

ترجمو: ناهي ڪابه چرندڙ پرندڙ ساهواري شيءِ زمين تي مگر انهن جو رزق الله جي هٿ وس آهي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



جڏهن اسان کي يقين آهي ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه ٻيو روزي نٿو رسائي ته پوءِ اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي رازق رب رحيم ڪريم جي نعمتن جو شڪر بجا آڻيون ۽ سندس مڪمل اطاعت ڪريون. اسان جيڪڏهن اهو احساس ڪٺي غير مسلم ماڻهن وٽ ويندا سين ته يقين آهي ته اهو احساس انهن کي رب پاڪ جي قريب آڻيندو.

## (۵) اسلام ۾ حفاظت:

دنيا ۾ خوف و هراس پيدا ڪيو پيو وڃي. موجوده دور ۾ جديد اسلحه ذريعي تباهيءَ جي سامان کي مهيا ڪيو پيو وڃي. انسان کي نه آهي سڪون نه آهي ڪيس آرام. هرڪو انسان پاڻ کي غير محفوظ پيو سمجهي ڄڻڪ صغري قيامت قائم ٿي چڪي آهي جو هر ڪو انسان هتي به نفسي نفسي جا آواز آلاپي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ مفڪر احسان حسن ساحر پنهنجي اردو مضمون ”آج کا انسان مضطرب اور پریشان کیوں“ ۾ هن ريت جهلڪ پيش ڪري ٿو:(۲۱)

”عصرِ حاضر میں رونما ہونے والے روز مرہ حادثات، بموں کے خوفناک دھماکے، قتل و غارت گری کے المناک واقعات اور خطۂ زمین پر اقوام عالم کا مختلف باہمی تصادم (Clash) مقابلہ، مقاتلہ، محاربہ اور مجادلہ کا لامتناہی سلسلہ باہمی عفو و ترحم کا فقدان، ضبط و تحمل کی کمی اسی عدم توجہی اور دینِ حق سے لاتعلقی کا ردِ عمل ہے“

مذڪوره معلومات کي آڏو رکي اسان کي اهو پڌائڻو آهي ته اهڙي دور ۾ جنهن ۾ قتل و غارت، فسادات، خوف و خطرات ۽ حادثا ٺي حادثا هجن ته ان صورت ۾ انسان جي حفاظت، اطمينان ۽ آرام جو مسئلو ڪيئن حل ٿي سگهندو ته پوءِ يقين سان اهو چوڻو ۽ مڃڻو پوندو ته اهو ئي اسلام آهي جنهن هر مشڪل موڙ تي مظلوم، معذور، منجهيل ۽ مجبور انسان جي مدد به ڪئي آهي ته ڪيس محفوظ رکندي قلبي سڪون ۽ اطمينان بخشيو آهي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



(٦) روهڙي، بشير احمد شاهه: سرور ڪونين اغيار ڪي نظر مې، گوجرانواله ڪتاب مرڪز، ١٩٨٩ع، ص: ١٥١
(٧) قرآن مجيد، سيپارو ٤، سورت آل عمران
(٨) قرآن مجيد، سيپارو ٤، سورت آل عمران، آيت ١١٠
(٩) حقني، منظور الحق: دعوت الي اللّٰه، اسلام آباد، دعوت اڪيڊمي، بين الاقوامي يونيورسٽي، ١٩٨٩ع، ص: ١٠
(١٠) ماهوار بيداري، حيدرآباد، شمارو نمبر ٤٠، مارچ ١٩٦٤ع، ص: ٢١
(١١) پنهور، اسد اللّٰه، پروفيسر: انقلاب جي راهه، سکر، تنظيم فڪر و نظر سنڌ، ١٩٨٧ع، ص: ٦١
(١٢) قرآن مجيد، سيپارو ٩، سورت الاعراف، آيت ١٥٨
(١٣) روهڙي بشير احمد شاهه: سرور ڪونين اغيار ڪي نظر مې، گوجرانواله ڪتاب گهر، ١٩٩٠ع، ص: ١٦٩
(١٤) ندوي، محمد يوسف مترجم: جنگ انقلابي يعني سورت قتال جو انقلابي تفسير، سعيد احمد، مولانا عبيد اللّٰه ڪتب خانه، ١٩٥٨ع، ص: ٨، مقدمو
(١٥) قرآن مجيد، سيپارو ٣٠، سورت العصر
(١٦) ماهوار بيداري: حيدرآباد، شمارو ٢٦، سيپٽمبر ١٩٩٥ع، ص: ٧
(١٧) ايضا، ص: ٨
(١٨) ايضاً، ص: ٩
(١٩) روهڙي بشير احمد شاهه: سرور ڪونين اغيار ڪي نظر مې، گوجرانواله ڪتاب گهر، ١٩٩٠ع، ص: ١٦٢
(٢٠) قرآن مجيد، سيپارو ١٢، سورت هود، آيت ٦
(٢١) ماهنامه منهاج القرآن لاهور، جون ١٩٩٦ع، ص: ٤٣
(٢٢) روهڙي بشير احمد شاهه: سرور ڪونين اغيار ڪي نظر مې، گوجرانواله ڪتاب گهر، ١٩٩٠ع، ص: ١٦٢

© rasailojaraid.com